
كفايت شعاري
خانصاحب آغا تاج محمد خان

# كفايت شعاري

مصنف

## خانصاحب آغا تاج محمد خان

رجسٽرار سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد

56 – 1957ع

آر – ايچ – احمد اينڊ برادرس بوڪسيلرس

شاهي بازار حيدرآباد (پاڪ)

ڊجيٽل ايڊيشن 2016

شاهنواز سومرو

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (132) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. سنڌ يونيورسٽي جي 1957ع جي دور ۾ رهندڙ رجسٽرار **خانصاحب آغا تاج محمد خان** جو لکيل ڪتاب **”ڪفايت شعاري“** 1957ع ۾ آر ايچ ۽ برادرز پاران ڇپايو ويو. ڪفايت شعاري جي اڄ به ساڳي ئي اهميت آهي جيڪا ان دور ۾ هئي.

اسان ٿورائتا آهيون سائين شاهنواز سومري صاحب جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوزنگ ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني. سائين شاهنواز سومرو سنڌي ڪمپيوٽنگ جي شروعاتي ڏينهن کان ئي سنڌي ڪتابن جي ڪمپوزنگ وارو ڪم ڪندو رهيو آهي. سندس ڪاوشون ساراهه لائق آهن جو ڪمپيوٽر تي ٻوليءَ جي ترقي لاءِ سدائين جاکوڙيندا رهيا آهن.

اوهان سڀني دوستن، پاٺڪن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# كفايت شعاري

(قناعت)

اسانجي ملڪ کي ڪفايت شعاريءَ جي بلڪل ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته جملہ اهلِ اسلام هن وقت فضول خرچي ۽ اسراف بيجا سبب تباھ ٿي رهيو آهي. سي جيڪڏهن ڪفايت شعاري تي عامل رهن ته انشاءَالله وري نئين سر عظمت ۽ ثروت کي پهچي وڃن. خصوصاً اسانجي سنڌ کي ته بلڪل سخت ضرورت آهي، جو اجاين رسمن ۽ شادين ۽ غميءَ جي رسمن تي حد کان وڌيڪ خرچ ڪري رهيا آهن.

## ڪفايت شعاريءَ جي ضرورت

دنيا ۾ هر انسان خواه مرد هجي يا عورت، پوڙهو هجي يا جوان، عالم هجي يا جاهل، حياتيءَ جي بقا جو خيال تو رکي ۽ قوت قائم رکڻ لاءِ کاڌو تو کائي. پنهنجي جسم کي ڍڪڻ لاءِ ڪپڙا تو پهري. پنهنجي آرام ۽ آسائش لاءِ مڪان تو جوڙائي. جيڪڏهن خدانخواسته بيمار تو ٿئي ته فوراً علاج جو بندوبست تو رکي. مطلب ته هر ڪنهن گهٽ ۾ گهٽ تڪليف جي دفع لاءِ قِسم قِسم جون تدبيرون ۽ تجويزون تو اختيار ڪري. انجو صرف هيءُ مقصد آهي ته منهنجي عزيز زندگي قائم رهي، جو اها انکي سڀ کان وڌيڪ پياري چيز آهي. پر افسوس آهي، جو اهڙي چيز ڏي سندس مطلق خيال نتو ٿئي، جا زندگيءَ لاءِ ضروريءَ ۾ ضروري چيز آهي! اها آهي ڪفايت شعاري!!

سيکو ڇاڻي تو ته پنهنجي زندگي لاءِ مختلف قسمن جون ضرورتون پيش ايندي‌ون رهن ٿيون. کائڻ لاءِ غِذا گهرجي، پهرڻ لاءِ ڪپڙو گهرجي، رهڻ

لاءِ جاءِ گهرجي. اهڙي طرح بيماريءَ لاءِ دوا گهرجي. اهي ضرورتون جيكڏهن پوريون نہ ٿين تہ زندگي خطري ۾ پئجي وڃي ٿي. پر انهن مان هڪ بہ پوري نہ ٿيندي. جيكڏهن اوهان وٽ پئسو موجود نہ هوندو تہ اوهان وٽ پئسو جمع ٿي نہ سگهندو، جيستائين اوهان كفايت شعاري کان ڪم نہ وٺندا.

تنهنڪري انجو لازمي نتيجو نڪتو تہ كفايت شعاري هر انسان لاءِ نہ فقط ضروري آهي، بلڪ شرط زندگي آهي. ازانسواءِ انسان جو فرض فقط زندگيءَ جي بقا تائين محدود نہ آهي، پر ان کان وڌيڪ ٻين انسانن جي زندگي بہ ان جي ذات سان وابستہ ٿي رهي. جهڙوڪ ماءُ، پيءُ، ڀيڻ ڀاءُ، زال ۽ ٻار ٻچا. جن جي پرورش جو بار بہ اخلاقاً توڙي شرعي ان تي واجب ٿو رهي. ان صورت ۾ سندس فرضن جو دائرو يا ان کان زياده وسيع ٿي وڃي ٿو. يعني كفايت شعاري جي پابندي ڪرڻ اُن تي بدرجہ اوليٰ لازم ٿي ٿئي.

جيتوڻيڪ انسان انهيءَ قدرتي ذميداريءَ کي محسوس نٿو ڪري يا ان تي عمل نٿو ڪري تہ يقين سان ٿو چئجي تہ هو پنهنجي انساني فرض ادائيءَ کان چڻ تہ قاصر رهيو.

ڪيتريقدر نہ اهو حيرت انگيز ۽ عبرتناڪ منظر آهي، جو هڪ شخص جو پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪمائي ٿو، سو اُڏاري ڇڏي ۽ پنهنجي لاڳاپي وارن انسانن جو ڪوبہ خيال نہ رکي ۽ مرڻ وقت پنهنجي بيوهہ عورت ۽ ننڍن ٻَچن کي اهڙي بيڪسيءَ ۽ بيوسيءَ جي حالت ۾ ڇڏي وڃي، جو اُهي ويچارا ٽُڪر لاءِ محتاج ٿي وڃن ۽ هڪ هڪ ماڻهوءَ جو مُنهن تڪيندا رهن. ليڪن انهن جي ڪوبہ دستگيري ۽ مدد نہ ڪري!

افسوس جو اُهو شخص پنهنجي زندگيءَ ۾ نفس کي تڪليف ۾ رکي عيش پسنديءَ ۽ فضول خرچيءَ کان پري پچي، پنهنجي عيال لاءِ ڪجھ پونجي يا سرمايو ڇڏي وڃي ها تہ پوءِ جيڪر انهن جي مٿين حالت چو ٿئي ها!! ۽ پوءِ چو گداگرن وانگر دربدر رُلن ها!!

ان لاءِ الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمائي ٿو:-

ولا تسرفو- ان الله لا يحب المسرفين.

يعني اجايو خرچ نہ ڪريو. تحقيق الله پاڪ اسراف (اجايو خرچ) ڪندڙن سان محبت نہ ٿو رکي.

مطلب تہ الله پاڪ اجائي خرچ ڪرڻ ڪان منع ٿو فرمائي، ڇو تہ اجائي خرچ ڪرڻ وارا شيطان جا ڀائر ٿا ڪوٺيا وڃن، جنکي الله پاڪ دوست نٿو رکي.

## ڪفايت شعاري مان فائدا

جيستائين انسانن لاءِ مختلف ضرورتن جي مقرري نٿي ٿئي، تيستائين انجي نظر ۾ ڪفايت شعاري جا فائدا بہ شمار ۾ اچي نہ ٿا سگهن.

ڪنهن شخص هڪ حڪيم ڪان پڇيو تہ عقلمند ۽ بيوقوف ۾ فرق ڪهڙو آهي. تنهن تي حڪيم فرمايو تہ عقلمند حال تي ۽ مستقبل تي نظر ٿو رکي ۽ بيوقوف فقط حال کي ٿو ڏِسي. يعني عاقل خيال ٿو ڪري تہ ”اهو ڪي ڪجي، جو مينهن وسندي ڪم اچي“ ۽ بيوقوف جو فقط هي حال آهي تہ هينئر تہ ڪائي پي ۽ عيش آرام ڪري ونجي اڳتي جيئن قسمت.

"اب تو آرام سے گذرتی ھے،

عاقبت کی خبر خدا جانے."

اهوئي ساڳيو فرق انڌي ۽ اکين واري انسان ۾ آهي. اکين وارو جنهن رستي هلي ٿو تہ ان ڪان پرئين رستي جي بہ خبر ٿو رکي، پر انڌو پري ڏسي نٿو سگهي تہ ڪَڏ آهي يا کوهو آهي. انهيءَ ڪري هلاڪت تي رَسيسِ.

اهڙي طرح ڪفايت شعاريءَ وارو انسان هلندڙ خرچ جي تہ نظر رکي ٿو، پر آئينده جي ضرورتن جو بہ خيال ٿو رکي. انجو نتيجو اهو ٿو نڪري، جو جڏهن ڪيس اوچتو ضرورتون پيش ٿيون اچن تہ هو انهن کي منهن ڏئي ٿو سگهي ۽ سندس وقت خوش گذري ٿو وڃي. پر فضول خرچ انسان فضول خرچيءَ سبب اهڙو اوچتو وقت ٽپائي نٿو سگهي. پوءِ اهڙي وقت ۾ ٻئي جو

محتاج ٿو بڻجي پوي. اهوئي وقت آهي جو انسان کي بلڪل بيوس ڪري اڻ ٿيڻ جهڙا ڪم به ڪرايو ڇڏي ۽ اهوئي وقت آهي، جو گهرج وارو انسان ٿوري پيسي تي پنهنجي ملڪيت ناس ڪري ڇڏيندا آهن. تڏهن سمجهڻ گهرجي ته عقلمندي ۽ دورانديشي اها آهي، جو انسان آمد ۽ خرچ کي نظر مان ڪڍي. ازانسواءِ موجوده خرچ سان گڏ اوچتيءَ ضرورت جو به خيال رکي. جيڪڏهن سندس آمدني گهٽجي وڃي ته پنهنجون ضرورتون ۽ گهُرجون به گهٽائي ڇڏي. جيڪڏهن اِئين ڪندو ته هو هر حال ۾ هميشه خوش ۽ خورم گذاريندو ۽ سيڪو ان تي رِيس ڪندو رهندو. اهڙو انسان سڀ ڪنهن لاءِ مثال ٿي ٿو سگهي. گهٽيءَ ڪمائيءَ واري فضول خرچ کان ٿوري ڪمائي وارو ڪفايت شعار انسان هزار دفعا بهتر آهي. هزار روپيه پگهار واري قرضيءَ انسان کان 50 روپيه پگهار وارو ڪفايت شعار انسان وڌيڪ خوش آهي. ڇو ته حقيقي خوشيءَ کي اُن ئي انسان ڳولي لڌو آهي، جو ”سوڙ آهر پير ٿو ڊگهيري.“ هڪ فلاسافر جو قول آهي ”دنيا ۾ فقط اهو شخص خوش ٿو رهي، جنهن جون گهرجون گهٽ آهن.“ ڪفايت شعار انسان ئي آهي جي ٿوري ڏني تي ئي راضي ۽ قانع رهي، ان جو صحيح تصرف ٿو ڪري ۽ بيشڪ اهو آسودو انسان آهي جو صحيح تصرف ڄاڻي ٿو.

مطلب ته حتي الوسيع جيترو ٿي سگهي ته ڪجهه نه ڪجهه بچائي رکڻ تمام ضروري آهي، جو بيماريءَ، بيڪاريءَ ۽ مهانگائيءَ ازانسواءِ اتفاقي وقتن تي خرچ ڪري سگهجي. اهي شخص ڪم فهم ۽ ڪوتاهه انديش آهن، جي اڳ ۽ پوءِ نٿا ڄاڃين. نه ٿا آمدنيءَ جي خبر رکن ۽ نه ٿا خرچ جي خبر رکن. اهڙا انسان ضروري ۽ فضول خرچن ۾ ڪابه تميز نٿا رکن.

اُهي فقط موجوده حالت کي ڏِسن ٿا ۽ اتفاقي ضرورتن جو ڪوبه خيال نٿا رکن. جي شخص اُهو خيال نٿا رکن ته اهي بچائڻ جو قدر به هرگز نٿا ڄاڻن ته پوءِ يقين رکو ته اُهي ئي شخص آهن، جي جلد مصيبتن ۽ تڪليفن ۾ گرفتار ٿا ٿين.

جو شخص كفايت شعاري كري كجھ سرمايو گڏ تو كري (پوءِ اهو كٽي كيترو بہ ٿورو هجي) تہ ان كي هر وقت هر طرح جي تقويت ۽ خوشي ٿي رهي.

اهو انسان زماني ۾ قسمت اڳيان فقط رانديكو نہ ٿو بڻجي پر مڙس ٿي اُن كي منهن ڏئي ٿو سگهي. اهو بہ سچ آهي تہ محتاج انسان كٽي كيترو بہ عاقل هجي، پر اُها عزت حاصل كري نٿو سگهي، جنهنجو هو حقدار آهي. محتاجيءَ كري هن كي خسيس ۾ خسيس ماڻهوءَ جي كاڻ كڍڻي ٿي پوي. جا ذات ۽ ضمير واري انسان لاءِ موت كان گهٽ نہ آهي.

كفايت شعار (قناعتي) انسان دنيا وارن سان اک ۾ اک ملائي هلي سگهي ٿو. پر جي محتاج انسان آهي تہ پوءِ كيڏو بہ خاندان يا ملكيت وارو انسان آهي، تہ بہ اک ۾ اک ملائي نٿو سگهي. پر وقتن تي اهڙن انسانن جو ئي كنڌ شرم كان هيٺ جهكيل نظر ايندو آهي. سيكو انسان پاڻ كي عزت وارو بڻائي سگهي ٿو تہ بي عزت بہ بڻائي سگهي ٿو. سو هِن ريت جي هُو كفايت شعار آهي ۽ وقت تي كنهنجو محتاج نہ آهي تہ بلكل عزت جي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو. جي فضول خرچ آهي ۽ ننڍي وڏي جو محتاج ۽ دست نگر آهي تہ هو كنهن بہ حالت ۾ عزت جو حقدار نہ آهي ۽ كيس عزت ملي نٿي سگهي.

كفايت شعار هر معاملي ۾ خودمختيار آهي ۽ وقت راحت ۾ گذاري سگهي ٿو.

فضول خر چ هر حالت ۾ نفس جو پابند ۽ گوناگون مصيبتن جو شكار آهي.

## كفايت شعاريءَ جي مقرر حَد

دنيا ۾ هر شخص جي مالي حالت جدا جدا آهي. كو دولتمند آهي، كو مفلس آهي، كو امير آهي ۽ كو غريب آهي. كنهن جي آمدني زياده آهي تہ كنهن جي آمدني گهٽ آهي. ان ۾ كفايت شعاريءَ جي اهڙي حَد مقرر

ڪانهي، جنهن ۾ چئي سگهجي ته فلاڻو ماڻهو ڪفايت شعار آهي ۽ فلاڻو ماڻهو ڪفايت شعار ڪونهي. تنهن ڪري ضروري آهي ته اول حَد مقرر ڪرڻ ڪپي، جو اُن موجب دولتمند ۽ غريب جي ڪفايت شعاريءَ جي نسبت قائم رهي سگهي.

مثلاً جنهن شخص جي آمدني هزار روپيا آهي ۽ اهو ٻه سؤ روپيا بچائي ٿو. ٻيو شخص جنهن جي آمدني هڪ سؤ روپيا آهي ۽ ويهه روپيا ٿو بچائي. ٽيون شخص جنهن جي آمدني ويهه روپيا آهي ۽ چار روپيا ٿو بچائي ۽ چوٿون شخص جيڪو ڏهن روپين جي آمدني مان ٻه روپيا ٿو بچائي. چئبو ته اُهي چارئي شخص پنهنجي پنهنجي لياقت آهر هڪ جهڙي بچت ڪن ٿا. اُهي سڀ ڪفايت شعار چئي سگهبا.

گهڻن ماڻهن جي اها غلطي آهي، جو چوندا آهن ته اسان ٿوري آمدنيءَ وارا آهيون، سو اسان ڇا بچائي سگهنداسون. ڇو ته جو هڪ رپيه ٿو بچائي ته ٻه انڪي بچت چئي سگهبي. جي اَٺ آنه ماهوار ٿو بچائي ته ٻه بچت چئبي، مگر ٿوري. اِئين ته ڪين چئبو ته فلاڻي شخص بچايو ئي ڪونهي. جو شخص فقط هڪ آنو روزانو بچائي ٿو ته ٻه سالاني بچت سندس ويهارو روپين جي قريب چئي سگهبي. ڇو ته داڻي داڻي مان ڍِڳ ٿو ٺهجي ۽ قطري قطري مان دريا ٿو ٺهجي. جڏهين انسان ڪفايت شعاريءَ جو عادي ٿو ٺهجي وڃي، تڏهن هو پئسن مان آنا ٿو ٺاهي سگهي ۽ آنن مان روپياءِ روپين مان نوٽ. ان بعد سو يا هزار ٺهجڻ ڏکيا نه آهن.

**هڪ دانشمند جو قول آهي ته سَون مان هزار ۽ هزارن مان لک ٺهجڻ تمام سولا آهن، مگر پهرين سؤ ٻه ڪٺو ڪرڻ ڏکيو آهي.**

اهو فلسفو سمجهڻ تمام سولو آهي. ڇاڪاڻ ته پهريائين انسان کي شروعات ۾ تڪليف ڪري، پنهنجون گهُرجون بند ڪري، آنا، روپيه گڏ ڪري، ڪا رقم ٺاهڻي پوي ٿي. پر اهڙي تڪليف جو هو عادي نه آهي، تنهن ڪري هن کي بلڪل مشڪلات ٿئي ٿي. مگر جڏهن ته اُهي تڪليفون جهاڳي پار پيو

۽ ڪجهه رقم پس انداز ڪيائين ته عادت پوڻ ڪري، آئينده سولائيءَ سان رقم ميڙيندو ويندو. پوءِ جڏهن سؤ يا ٻه سؤ رقم جڙي ته ان کي ڪنهن ڌنڌي ۾ لائي وڌائڻ سولو لڳندو. باقي اهو سچ آهي ته پهريائين ٿورڙي رقم ميڙڻ ڏکي آهي. جڏهن ڪفايت شعاري جي عادت پئجي وڃي ٿي پوءِ پيسو ميڙڻ هن کي بار معلوم نٿو ٿئي ۽ اميد ته پوءِ هو جلد ئي حيرت انگيز ترقي ڪري ويندو.

ازان سواءِ هن جيڪي ٿورا پيسا يا ٿورا روپيا گڏ ڪري ڪجهه رقم جوڙي ته اهي ٿورا پئسا سندس اخلاقي ٿوڙي دماغي تربيت ۽ ذاتي خودمختياريءَ جي درجي بلند ڪرڻ ۾ ڪيتريقدر مددگار ثابت ٿا ٿين. شروعات ۾ اها ٿوري گڏ ڪيل رقم گويا نفس ڪشي، فرزانگي ۽ دانشمنديءَ جو سنگ بنياد ليکي وڃي ٿي. جيئن ڪنهن رنگ محل يا عمدي محلات جو بنياد به پهريائين ساڳي پيڙهه تي ٿئي ٿو، جهڙي ڪنهن معمولي جاءِ تي پهريائين ٿورو خرچ ڪيو وڃي، پر اهو سنگ بنياد ۽ اها ٿوري خرچ ڪيل واري پيڙهه ايترو ته حوصلو وڌائي ٿي ڇڏي، جو ان بعد ئي هر هڪ انسان جي همت سان هزارن ٿوڙي لکن جي عمارت جُڙي سگهي ٿي.

”خيال هرکس بقدر همت اوست“

هر هڪ انسان جو خيال سندس همت جي قدرتي ذات ڪان ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڪو شخص فقط اڍائي روپيا مهيني ۾ بچائي ڪنهن ويمي واري ڪمپنيءَ ۾ ڏيندو ٿو رهي، پوءِ جي ان شخص جي عمر 25 ورهيه آهي ته 20 ورهين ۾ سندس جيئري يا مرڻ وقت سندس پوين کي هزار ڏيڍ جي رقم ملي ويندي.

ڪفايت شعاري درحقيقت اهڙي چيز آهي، جو ان جي وسيلي انسان ڪٿي ڪهڙي به غريبي حالت ۾ آهي ته به اطمينان ۽ مُسرت جي زندگي بسر ڪري سگهي ٿو.

مولانا محمد ذڪاءُالله صاحب مرحوم، جو هڪ وڏو مؤرخ ٿي گذريو آهي ان ڪان ڪنهن پڇيو ته انسان حقيقي خوشي ڪهڙي طرح حاصل ڪري ٿو

سگهي؟ فرمايائين تہ ”جو شخص ڏهہ روپيا، ڪمائي ان مان ۾ روپيا ٿو بچائي تہ هو خوش گذاريندو. پر جي ڏهہ هزار ڪمائي، يارهن هزار خرچيندو تہ هميشه حيران ۽ پريشان گذاريندو.“ بهرحال خوش گذارڻ انهن انسانن ڪان سِڪي ٿو سگهجي، جيڪي نفس تي ضابطو رکي سگهن ٿا.

## ڪفايت شعاريءَ جي پابندي

جهڙي طرح نئين عادت ڪرڻ ۾ پهريائين سخت تڪليف ۽ دقت محسوس ٿئي ٿي، تهڙي طرح ڪفايت شعاري ڪرڻ ۾ بہ پهريائين نفس ڪشي ڪرڻي پوي ٿي ۽ نفس تي سختي ڪرڻ بعد مطلب پورو ٿي سگهندو ۽ ٿوري عرصي ۾ گوناگون فائدا حاصل ٿي سگهندا. ڪفايت شعاريءَ سبب هر قسم جي ضرورت دفعي ڪرڻ ۾ آساني ٿئي ٿي ۽ ان مان تڪليف جي بجاءِ حقيقي مسرت حاصل ٿئي ٿي. ان بعد ڪنهن بہ قسم جي مطلق تڪليف محسوس نہ ٿي ٿئي. اعتدال وارو شخص ڪڏهن بہ مفلس نہ ٿيندو.

اهو شخص هزار دفعا چڱو آهي، جو صاف صاف چئي ڏئي تہ فلاڻي ڪم ڪرڻ جي مون ۾ طاقت ڪانهي پر اُهي ماڻهو چڱا نہ چئباء جي رڳو ماڻهن جي خوف ڪان تہ متان اسان کي پرپٺ بُرو ڀلو چون تہ تمام شوم ۽ بخيل آهي. ان خوف ڪان پاڻ کي گرداب هلاڪت ۾ وجهي ڇڏيندا آهن، يعني حد ڪان وڌيڪ خرچ ڪري پاڻ کي حقيقي طور ناس ٿا ڪري ڇڏين. جيڪڏهن غور ڪري ڏسبو تہ اهڙا طعنا هڻندڙ گهڻو ڪري ڏهن مان نو عقلمند ۽ عاقبت انديش نہ هوندا جيڪي ٻين کي ڪفايت شعار ڏِسي مهڻا ڏيندا ۽ طعنا هڻندا هوندا.

اها ڳالهہ هر ڪنهن جي ٻُڌل هوندي آهي تہ هڪ شخص پئسي وارو هوندو هو، اهو ڪنهن بہ ماڻهوءَ سان انڪار نہ ڪندو هو. پر ڪوبہ ماڻهو جيڪي گهرندو هوس تہ ان کي ڪٽي ڏيندو هو. هو پنهنجو دشمن هوندو هو ۽ ٻين جو سخت دوست. يعني پنهنجو ڪم بگاڙي، ٻين جو ڪم پورو ڪندو هو.

جيڪو بہ پئسو هن وٽ هو، سو پنهنجي گهرج وارن دوستن ۾ ورهائي ڇڏيائين. جڏهن سمورو سرمايو لُٽي بينو ۽ گهرج مهل ڪن دوستن اڳيان امدا لاءِ هٿ ڊگهيريائين، تڏهن ڪيس بلڪل مايوسي ڏِسڻي پيئي. يعني هن ڪي ڪنهن بہ پئسو ڪونہ ڏنو.

جلد ئي باقي رَکيل هڪ اشرفي بہ خرچي پنهنجي بيوقوفي ۽ حماقت جو شڪار بڻيو. اهڙي ناعاقبت انديشيءَ ڪان بہ ڪم نہ وٺڻ ڪپي، جو پڇاڙيءَ ۾ افسوس جا هٿ ملڻا پون. اهڙو بخيل ۽ ڪنجوس بہ ٿيڻ نہ ڪپي، جو هوندي سوندي ڏُکي رهي ۽ پنهنجي پيٽ کي سِڪائي بکون ڪدي.

جئن هڪڙي شاهوڪار جي ڳالھ ڪندا آهن تہ پئسو وٽس جام هو، پر خرچ اصل ڪونہ ڪندو هو. پئسي خرچڻ ڪان وڌيڪ پاڻ کي اُجيو ۽ بکيو رکڻ چڱو سمجهندو هو. هڪ دفعي ڏنائون تہ اهو شخص مُئو پيو آهي ۽ سندس پرسان هڪ ٻِلي بہ مئي پئي آهي. ان جي مرڻ جو سبب فقط اهو هو، جو ماني بہ پوري ڪونہ ٿي ڪاڍائين تہ متان خرچ ٿئي. ٻليءَ کي بہ پورو ڪاڌو نہ ڏيندو هو، پر سندس دولت جو حال اهو هو، جو سندس بستري هيٺان روپين، اشرفين ۽ بئنڪ جي چيڪن جا انبار لڳل هئا. اهڙي هلت وٺڻ واري کي بہ ڪفايت شعار چئي نہ سگهبو.

سچي ڪفايت شعاري اها آهي، جو واجبي خرچ ڪري، غير واجبي خرچن ڪان پاڻ کي بچائي، ڪجھ پئسو رکي سگهجي، جو مشڪل ۽ اتفاقي وقتن تي خرچ ڪري سگهجي. ان جو مطلب تہ نہ تمام گهٽ خرچ ڪري پاڻ کي نقصان هيٺ آڻي ۽ نہ وڌيڪ خرچ ڪري، آئيءَ ويل پاڻ کي شرمندو ڪري. پر ميانہ رويي ۽ اعتدال واري هلت هلي. جنهن کي وچولي درجي واري يا اوسط درجي جي هلت چئبو آهي. تنهن لاءِ مثال آهي تہ "خير الامور اوسطها" يعني چڱا ڪم اهي آهن، جي وچولي درجي ۾ هجن نہ گهٽ نہ وڌ. پر پورا پُنا. اهڙي پابندي رکڻ هر طرح فرض آهي.

ڊاڪٽر جانسن لکي ٿو تہ اهي ماڻهو جي پنهنجي اعليٰ دماغيءَ، روشن خياليءَ ۽ علمي لياقت سبب فخر ڪان روزاني زندگيءَ جهڙي اعليٰ اصول کي هڪ معمولي ڳالهہ سمجهي بي پرواهہ رهن ٿا ۽ ان کي نظر انداز ڪري ٿا ڇڏين، تن کي ياد رکڻ گهرجي تہ ان دور انديشيءَ جي گهٽتائيءَ کي ڪابہ چيز پورو ڪري نہ سگهندي.اهڙي غفلت ۽ نا عاقبت انديشي ڀين صفتن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيندي.

مثلاً جيڪڏهن ڪو شخص وڏي قابليت ۽ علميت وارو آهي ۽ ان ۾ ٻيا سڀ اخلاقي نقطا سچائي ۽ ايمانداري گهٽي آهي. ازانسواءِ دولت جي بہ هن وٽ ڪمي ڪانهي، پر جي ڪفايت شعار نہ آهي تہ ڪنهن وقت هن کي بہ سخت هٿ هٽا پوندا ۽ غفلت سبب ڪنهن وقت هن کي رَت رئڻو پوندو. تنهنڪري ٻين صفتن سان گڏ ڪفايت شعاريءَ جهڙيءَ اعليٰ چيز هٿان ڇڏڻ نہ ڪپي. جيڪڏهن ٻين صفتن سان گڏ ڪفايت شعاري بہ شامل آهي تہ پوءِ ”ڪير ڪندبؔ“ يا ”سوني تي سهاڳي وارو“ معاملو آهي.

مسٽر ٿامس لپٽن جو بيان آهي تہ مونکي درخواست ڪئي وئي آهي تہ آءٌ ڪاميابيءَ جو اصلي راز ظاهر ڪري، ان جي تشريح ڪريان. سو اُهو راز ڪفايت شعاري آهي. ڪفايت شعاريءَ جو اصول زندگي جي هر ڏاڪي ۾ ضروري آهي، يعني جهڙو ننڍپڻ ۾ تهڙو وڏي عمر ۾. جهڙو جوان لاءِ ضروري آهي، تهڙو پوڙهي لاءِ.

ڪفايت شعاري جو مقصد آهي تہ پئسو ڪنهن بہ صورت ۾ بچائجي، هر هڪ نوجوان پنهنجي دوست جي دوستيءَ تي فخر ڪري سگهي ٿو ۽ اعتماد ڪري سگهي ٿو، پر جهڙو سچو رفيق اهو چوٽڙو ڪتاب آهي، (جنهن تي ڪنهن بئنڪ جو نالو لکيل آهي، جنهن ۾ کي انگ اکر ڪنهن رقم جا موجود آهن) تهڙو همدرد ۽ رفيق ٻيو ڪوبہ ڪونہ آهي ۽ اهو هميشه لاءِ ياد ڪري ڇڏڻ گهرجي. ٿي سگهي ٿو تہ اهي اکر دل تي تختيءَ تي اڪيري ڇڏڻ گهرجن.

جيئن ڪنهن به طرح وِسري نه سگهن. سچ ته اهي اکر آب زر سان لکڻ لائق آهن.

پوري ڪاميابيءَ جي راز جو پهريون اصول آهي، پئسن جي بچت. چو ته بچت جي ڪري نوجوانن جي دل ۾ آزاديءَ ۽ خود اعتماديءَ جو جو جذبو پيدا ٿئي ٿو. روپين جي بچت انسان جي جسم ۾ چُستي ۽ چالاڪيءَ جي ڪيفيت پيدا ڪري، همت ۽ حوصلو وڌائي ٿي ڇڏي. روپين جي بچت ان کي مسرت ۽ قناعت جي اعليٰ مقام تائين پهچائي ڇڏي ٿي.

ڪفايت شعاري اختيار ڪرڻ ۽ فضول خرچيءَ کان بچڻ لاءِ هيٺين ڳالهين تي ڌيان ڌجي، جي ياد رکڻ جي قابل آهن:-

1. پنهنجي آمدنيءَ ۽ خرچ جو حساب رکو.
2. اجائي خرچ کان پنهنجو هٿ يڪدم روڪيو.
3. ڪهڙي شيءِ ڪيتري به سهانگي ملي، پر ان جي ضرورت به آهي ته خريد نه ڪريو.
4. جنهن خرچ ڪرڻ مان اوهان جو فخر وَڌي، ان جي ويجهو وڃڻ به گناه سمجهو.
5. فضول خرچيءَ کي هڪ قسم جو ڏوهه سمجهو. چاڪاڻ ته حُڪم آهي ته فضول خرچ شيطان جا ڀائر آهن. جو به خرچ ڪريو ته اُهو نقد پئسو ڏئي خريد ڪيو. قرض تي ڪا به چيز نه خريد ڪريو. توڙي ٿوري عرصي لاءِ به هجي.

## ڪفايت شعاري ۽ بُخل ۾ فرق

مٿي ٿورو ذڪري ڪري آيا آهيون ته بُخل ڇا کي چئبو آهي. پر هِتي ڪفايت شعاري ۽ بخل بابت ڪولي لکجي ٿو، جنهن مان بخل جو تفاوت نمايان نظر ايندو. ڪي ماڻهو پنهنجي نادانيءَ ۽ غلط فهميءَ سان ڪفايت شعاري ۽ بخل ۾ ڪا به تميز نٿا رکن. انهن جي خيال ۾ اُهي ٻئي هڪ ئي درخت جون

شاخون آهن. يعني ڪفايت شعاري ۽ بُخل ٻئي هڪ آهن. ٻنهي ۾ هڪ جهڙي گهٽتائي آهي، حالانڪ هن ڳالهه جي اظهار ڪرڻ ڪان رهي نٿو سگهجي تہ انهن ٻنهي جو اهڙو تفاوت آهي، جهڙو رات ۽ ڏينهن جو ۽ اولهہ ۽ اوڀر جو هڪ ٻئي ۾ تفاوت آهي. اُهي جيڪڏهن هڪ ڳالهه آهن تہ ڪفايت شعاري ۽ بُخل بہ ساڳيون چيزون آهن. پر انهن جو تفاوت اهڙو ظاهر ظهور آهي، جو ٿوري سمجهہ رکندڙ آدمي بہ چڱي طرح سمجهي سگهندو، سو هيءُ آهي.

ڪفايت شعاري ان کي چئجي، جو جڏهن سڀ ڪنهن قسم جو واجبي خرچ ڪري ٻيهجي. ان بعد جا بچت ٿئي، اها ڪِن ضروري ۽ اتفاقي وقتن لاءِ رکڻ. اُها آهي ڪفايت شعاري ۽ بُخل هي آهي، جو اوهان کي جيڪو بہ پئسو هجي سو بند رکو. ڪنهن بہ ضروري ۽ سَجائي ڪم تي بہ خرچ نہ ڪريو ۽ سموري پئسي بچائي رکڻ لاءِ ڪوبہ سبب نہ هجي.

ڪفايت شعاري جو مقصد آهي فضول خرچيءَ ڪان پرهيز ڪرڻ، جا هڪ عمدي ۾ عمدي ۽ اعليٰ درجي جي فضيلت آهي. پر بخل جو مطلب هي آهي، جو ضروري ۽ واجبي خرچ ڪان بہ پري ڀڄڻ ۽ پرهيز ڪرڻ. جا نهايت خراب ۽ نيچ عادت آهي.

مثلاً ٻہ شخص آهن، جن جي آمدني سؤ روپيا آهي. هڪڙو شخص ڪاڌي پيتي، لٽي ڪپڙي تي واجبي خرچ ڪري ٿو ۽ پنهنجي تعلق رکندڙ انسانن جي واجبي گهُر پوري ڪري ٿو. ازانسواءِ پنهنجي اولاد جي تعليم تي بہ خرچ ڪندو رهي ٿو. حتي الوسع پاڻ کي توڙي اولاد کي ڪنهن بہ قسم جي تڪليف نٿو ڏئي. ان بعد ٿورو گهڻو بچائي رکي ٿو، جي آئي ويل ڪتب اچي.

ٻيو شخص اُهو آهي، جو پنهنجو توڙي پنهنجي اولاد جو ڪوبہ ضروري خرچ پورو نہ ٿو ڪري ۽ نڪي اولاد جي تعليم لاءِ بندوبست ٿو ڪري، پر رڳو گهڻو پئسو گڏ ڪري رکندو وڃي تہ انهيءَ صورت ۾ پهرين کي ڪفايت شعار چئبو ۽ ٻئي کي بخيل سڏبو.

## ڪفايت شعاري ۽ فضول خرچيءَ جي حَد

اهڙي طرح ڪفايت شعاريءَ ۽ فضول خرچيءَ ۾ به فرق آهي. ٿوري گهٽي وڌيڪ ڪرڻ سان ڪفايت شعار فضول خرچ سڏجي سگهي ٿو، چو ته ڪفايت جي معنيٰ ئي آهي ڪافي هجڻ. ڪفايت شعاريءَ مان اهو ڍنگ يا سليقو مراد آهي، جو اسان کي ضرورت کان گهٽ ۾ گهٽ ۽ واجبي خرچ ۾ پورائي ڪرڻ سيکاري ٿو. جڏهن اهو واجبي خرچ ڦِري وڌيڪ ٿئي ٿو ته ان کي فضول خرچي چئبو.

هن مان ڏسبو ته ڪفايت شعاريءَ ۽ فضول خرچيءَ ۾ تمام ٿورو تفاوت آهي. مثلاً جيڪڏهن هڪ هزار پيدائش يا پگهار وارو، سو روپيه مسواڙ واري جاءِ ۾ رهي ته نامناسب ڪونهي. پر جيڪڏهن سو روپيه پگهار وارو فقط 30 يا 40 روپين مسواڙ واري جاءِ ۾ رهندو ته به فضول خرچ سڏبو، چو ته سندس پگهار موجب نسبت پوري نه آهي. جيڪڏهن اهو وري قدر آهر 10 روپين واري جاءِ ۾ رهندو ته ڪافي سمجهي چئبو ته هو ڪفايت شعار آهي ۽ اِئين به سمجهبو ته پنهنجي قدر تي ٿو هلي. جيئن چئبو آهي ته **”سوڙ آهر پير ڊگهيرجن“** ۽ اهو مثال آهي، جو ڪفايت شعاري لاءِ موزون آهي.

## ڪفايت شعاريءَ جو مقصد

ڪفايت شعاريءَ جو اصل مقصد آهي، پنهنجي حيثيت مطابق خرچ ڪري ۽ فضول خرچيءَ کان پاڻ کي بچائي ڪجهه نه ڪجهه پس انداز ڪري ته اهو رکيل پئسو ضرورت تي ڪتب اچي. جيڪڏهن قوم جي هر هڪ فرد ۾ اهو پئسي بچائڻ جو جوهر پيدا ٿي پوي ته اسان جي قوم نه فقط دولتمند ٿي پوي، پر اهڙا جيڪر ماڻهو پيدا ٿي پون، جي قوم جي فلاح، ترقي ۽ بهبوديءَ لاءِ سخت قدم کڻن. جي ماڻهو ڪفايت شعار آهن، سي هميشه بي فڪريءَ سان زندگي گذارڻ وارا انسان ٿين ٿا. خوشحاليءَ سبب پنهنجي اولاد جي سنڀال به عمدي طريقي سان ڪري سگهن ٿا. پنهنجي حاجت مند پائرن سان به چڱي طرح همدرديءَ ۽ امداد جو هٿ ڊگهيري سگهن ٿا.

ازانسواءِ قومي ڪمن ۾ پڻ حصو وٺي سگهن ٿا. ڪار خير ۾ جيڪي ڪفايت شعار ماڻهو امداد ڪري سگهن ٿا، سو فضول خرچ ماڻهو ڪري نه سگهندا ڇو ته هو پنهنجي عرق ۾ غرق هوندا ۽ مالي حالت ۾ پريشان، سي ٻين جي مدد ڇا ڪندا. پارسي مقولي وانگر ته: ”او خويش گم آمداست ڪرا رهبري ڪند“.

هي به واضح رهي ته دولت بار بار هٿ اچي نه ٿي سگهي ۽ آمدني هميشه يڪسان نه آهي. هڪ سچ آهي ته به پاڇا آهن. ڪڏهين انسان امير آهي ته ڪڏهن فقير آهي ته ڪڏهن غريب به ٿي سگهي ٿو. بهاريءَ ڪي خزان به آهي، هڪ شاعر چيو آهي ته:

کسی کی ایک طرح بسر ہوئی نہ انیس،
عروج مہر بھی دیکھا تو دو پہر دیکھا.

شاعر انيس چوي ٿو ته ڪنهن به انسان جو وقت هڪ جهڙو نٿو گذري. ڪڏهن ڪهڙي حال ۾ ته ڪڏهن ڪهڙي حال ۾. سج جو عروج به جيڪڏهن ڪنهن ڏٺو هوندو ته ٻپهرو، سارو ڏينهن ان جو عروج يعني ڪمال به ڪنهن نه ڏٺو هوندو. سو انسان به اهڙي طرح آهي، ڪڏهن تندرست آهي ته ڪڏهن بيمار به آهي. سو جيڪڏهن تندرستيءَ ۽ چڱيلائيءَ واري موقعي تي جيترو ٿي سگهي اوترو سرمايو يا مُوڙي گڏ ڪري رکجي. اهڙا ماڻهو جيڪڏهن پئسو وقت ناوقت لاءِ رکن ته ڪڏهن به پريشان نه ٿيندا. دانشمند انسان ئي آهن، جي اهڙن وقتن مان فائدا حاصل ڪندا رهن ٿا. اُهي ڪوتاهه انديش انسان آهن، جي هميشه انهيءَ مغالطي ۾ رهندا آهن ته اسان هميشه ساڳي پيدائش وارا هونداسون يا اسان جي آمدني هميشه هڪ جهڙي رهندي. اسان هميشه اهڙائي هونداسون پوءِ اهڙي مشڪلات يا تنگيءَ واري موقعي تي (جو اهڙو اوچتو حادثو پيچي نه ايندو آهي) ڏاڍو پڇتائيندا آهن. پر پوءِ وقت گذريل هٿ نه ايندو آهي. جيئن ”ڏُڌو ڪير ٿڻين نه پوي“ تيئن حيرانيءَ سرگردانيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪري نه سگهندا آهن. سندن افلاس ۽ مصيبت گذارڻي پوندي اٿن.

اِئين ڪرڻ چڱو نہ آهي. دورانديش انسان هميشه اڳ پوءِ جاچيندا ۽ هو حال کان بہ وڌيڪ مستقبل جو خيال رکندا آهن. تنهنڪري انسان لاءِ عاقبت انديش ٿيڻ هڪ بهترين صفت آهي، جا پاڻ ۾ موجود رکي.

## اولاد کي ڪفايت شعاريءَ جي تعليم ڏيڻ

پيءُ ماءُ تي فرض آهي تہ ابتدا کان وٺي ٻارن کي ڪفايت شعاريءَ جو عادي ٻڻائڻ. پر اهي ڪفايت شعار تڏهن ٿيندا جڏهن پنهنجي والدين جو عمل ان تي ڏسندا. فضول خرچ انسان جو اولاد ڪڏهن بہ ڪفايت شعار ٿي نہ سگهندو. جيڪڏهن انسان سمجهي تہ اهو ٻج ننڍي هوندي ٻارن ۾ وجهجي تہ ڪفايت شعاريءَ جون ترڪيبون عمل ۾ آڻي ٻارن کي ڏيکارين ۽ ان جا فائدا سندن دلين تي چڱي طرح ويهارين. جڏهن اها عادت ٻارن ۾ ننڍي هوندي پئي تہ وڏي هوندي ان تي خوب عامل ۽ پابند رهندا. پر جيڪڏهن ان جي برخلاف لاڏ ۽ پيار سان ڪنهن ٻئي سبب ڪري ٻار فضول خرچ تي پيا تہ پوءِ ساري عمر فضول خرچ رهندا. تنهن ڪري سندن ڪَنن تي ڳالهيون ئي ڪفايت شعاريءَ جون آٽينديون رهجن تہ دنيا ۾ پئسو وڏي شيءِ آهي ان کان سواءِ دنيا ۾ ڪوبہ ڪم ٿي نہ سگهندو. جيڪڏهن پئسو موجود هوندو تہ جيڪا شيءِ دلپسند هوندي سا وٺي سگهبي. جي نہ هوندو تہ اها حسرت هميشه دل ۾ رهندي تہ جيڪر پئسو هجي تہ فلاڻي چيز خريد ڪجي. پئسو ئي آهي جنهن سان زندگي آرام ۽ آسائش سان گذاري سگهجي ٿي. پئسي واري جي عزت هر ڪو ڪري ٿو، پر مفلس کي هر ڪو ڌِڪاري ٿو. جن وٽ پئسو ڪونهي، اهي ئي بُکيا رهن ٿا. تڪليفون ۽ مصيبتون ڪين جدا سهٽيون پون ٿيون. مطلب تہ پئسي کان سواءِ انسان ذليل خوار ٿو رهي. برخلاف ان جي پئسي وارو هميشه خوشحال ٿو رهي ۽ زندگي هميشه مسرت سان ٿو گذاري. ٻارن کي مثال ڏيئي ڏيکارجي:

مثال اول پنهنجي پاڙي جو ڏجي ته فلاڻو انسان، جو ماڙين ۾ بنگلن وارو آهي. ڪائڻ پيئڻ لاءِ ان ڪي سيڪي موجود آهي. ڪم لاءِ ڪيس خدمتگار موجود آهن. پهرڻ لاءِ ڪيس عمديون پوشاڪون ميسر آهن. انهن جا ٻار ڏسو ته ڪهڙا نه خوش تا رهن. چا ڪاڏي پيتي ڏانهن چا ڪپڙي پهرڻ ڏانهن. اهو سڀ تڏهن آهي جڏهن انهن وٽ پئسو موجود آهي. سيڪو انهن جي عزت ڪري ٿو سو به پئسو هجڻ ڪري. اُن پئسو گڏ ڪيو آهي، ڪفايت شعاري ڪرڻ سبب. اوهان به فلاڻا فلاڻا رستا اختيار ڪندا ته شاهوڪار ٿيندا ۽ انهن وانگر هميشه خوش گذاريندا رهندا.

وري غريب ۽ مسڪين ڏيڪاري انهن ڪي مثال ڏجي ته اهي ويچارا جو سنين ۽ عمدين جاين ۾ نه آهن يا انهن وٽ پورو ڪاڌو به ڪونهي ۽ پهرڻ لاءِ ڪپڙو موجود ڪونهي. پر انهن ڪي ڪوبه عزت ڪونه ٿو ڏئي. سو به اُهو سبب آهي جو ان وٽ پئسو ڪونه آهي.

ٻارن ڪي رغبت ڏيڪارڻ ته اهڙا ڪم ڪريو جنهن مان هميشه عزت ملي ۽ چڱي دستور موجب ڪم ڪريو، جيئن ڪفايت شعار ٻڻجو.

اهڙا ڪيئي طريقا آهن، جن مان پئسي جو قدر يا قيمت ٻارن ڪي ذهن نشين ڪرائي سگهجي ۽ هو ڪفايت شعاريءَ جا عادي ٻڻجي سگهن.

مثلاً ٻارن ڪي جيب خرچي ڏئي انهن ڪي اهو شرط ٻڌائجي ته مهيني اندر اوهان جيڪي پئسا بچايا ته اوهان ڪي اوترا پئسا ٻيا به ڏبا. جڏهن گهڻا پئسا جمع ڪندا ته اوهان ڪي پنهنجي مرضيءَ موجب عمديون عمديون شيون وٺي ڏبيون يا اهو ڪين سمجهائجي ته اوهان جيترا پئسا گڏ ڪندا ته اوترا پئسا اوها ڪي ٻيا به ڏبا ۽ اهي پئسا اوهان ڪي بئنڪ ۾ رکائي هڪ ڪتاب وٺي ڏبو، جنهن ۾ مرضي پويو ته پئسا داخل ڪرائيندا رهو، وٽيو ته وقت سر پئسا ڪڍايو.

اهڙي طرح اوهان جا پئسا جمع ٿيندا رهندا. اهڙا ڪم ڪندا ته انهن ۾ ڪفايت شعاريءَ جي عادت پئجي ويندي.

# ڪفايت شعاريءَ ۾ عورتن جو حصو

جيتوڻيڪ فطرتاً عورتون ڪفايت شعار ٿين ٿيون. مگر زماني جي رفتار موجب انهن کي ڏيان ڏيڻ ڪپي. انهن کي گهرجي ته سڀ ڪنهن خرچ تي نظر رکي ڪفايت شعاريءَ جو نمونو اختيار ڪن. انهن کي ناموس يا ڏيک ويک جي اجائي خرچ کي ترڪ ڪرڻ گهرجي. چاڪاڻ ته اهي ڳالهيون فضول ۽ بي سود آهن. ان ۾ سواءِ پئسي جي بربادي جي ٻيو ڪجهه به حاصل نٿو ٿئي. اڄ اوهان جي فضول خرچ تي ماڻهو واه واه ڪندا، صبحاڻي اوهان جي ناداريءَ ۽ مفلسيءَ تي کِل ۽ ٺٺولي ڪندا. جيڪڏهن تو وٽ پئسو هوندو ته اڄ به تنهنجي خوشامد ڪندا ته صبحاڻي به اهڙي عزت ڪندا چو ته پئسو تو وٽ موجود هوندو. چو ته خوشامد ۽ عزت پئسي جي ٿئي ٿي ۽ هر ڪو سلام به پئسي کي ٿو پري، نه ماڻهوءَ کي. تنهنڪري اهڙو ڪم ڇو نه ڪريو، جو اوهان جي هميشه عزت قائم رهي. جيڪڏهن پئسو هڪ دفعي هٿن مان نڪري ٿو وڃي ته پوءِ هزار جَتن ڪندي به وري مشڪل ٿو هٿ اچي. سچ پڇو ته ڪنهن به شاديءَ، وهانءَ، عقيقي تي راڳ، ناچ ۽ باجا گانا اهي سڀ فضول خرچيءَ بربادي جو ڍنگ آهن. جن رَسمن تي پئسو خراب طرح خرچ ٿئي ٿو. ان جي اصلاح لاءِ قدم کڻڻ به اوهان جي وَس ۾ آهي.

اڪثر ڏٺو ويو آهي ته جيڪڏهن ڪا رسم مرد فضول سمجهي روڪڻ چاهيندا آهن ته عورتون اُن ڳالهه ۾ رنڊڪ وجهن ٿيون ۽ بدشگونيءَ جي خيال سان مَردن کي مجبور ڪن ٿيون ته اُهي رسمون جاري رکيون وڃن. عورت تي پڻ زور آندو وڃي ۽ انهن کي سمجهايو وڃي ته اهو زمانو نه رهيو آهي. اجايون رسمون ترڪ ڪريو ۽ جيترو ٿي سگهي ته پئسو گڏ ڪريو، جو اوهان جي ۽ اوهان جي اولاد جي ڪتب اچي. اهي اوهان جا ننڍڙا ننڍڙا ٻچا جن تي اجائي طرح بي دريغ پئسو خرچ ڪيو وڃي ٿو. ائين چڱو نه آهي جو انهن کي دربدر ۽ بي روزگار بڻائڻ ڪان روڪي سگهو؟

سو تڏهن ٿيندو، جڏهن اوهان انهن جي واسطي ڪجهه پئسو ڳنو ڪري رکندا، جو وقت سر انهن کي ڪتب اچي. اهو به ممڪن آهي جو ڪو اوهان کي چئي ته اوهان جو اولاد رکيل پئسو تلف ڪري ڇڏي ته پوءِ؟ ان لاءِ اهو چوڻ ڪافي آهي ته اوهان پنهنجو فرض بجا آڻيو، پوءِ انهن جي قسمت! ڪفايت شعاري ڪري ڪجهه رقم گڏ ڪجي، ان لاءِ بهترين طريقو اهو آهي، جيڪڏهن سرمايو گڏ ڪري فقط رکي ڇڏبو ۽ ڪنهن نفع بخش ڪم ۾ نه لائبو ته بدستور اوتري جو اوترو رکيو هوندو. ان ۾ ڪنهن به قسم جو واڌارو ڪونه ٿيندو. تنهنڪري اسان تي واجب آهي ته پئسو ٿورو هجي يا گهڻو، پر ان کي ڪنهن به حالت ۾ بيڪار رهڻ نه ڏجي. پر ان ۾ اهڙي ڪوشش ڪجي جو محفوظ به رهي ۽ روزبروز ڪجهه نه ڪجهه واڌارو به ٿيندو رهي. سرمائي کي جيڪڏهن گهر ۾ رکبو ته ممڪن آهي ته ڪنهن نه ڪنهن طريقي ناس به ٿي وڃي. چوريءَ جو هر وقت خطرو رهندو. گهڻا ماڻهو پنهنجي ناداني‌ءَ سبب پنهنجي سرمائي کي نقد زيورن جي صورت ۾ صندوق ۾ وجهي ڪٽي پوري ڇڏيندا آهن. پوءِ يا اهو مال چور چوري ڪري ڪڍي ويندا آهن يا ته ڪنهن ٻي صورت ۾ ضايع ٿي ويندو آهي.

البت بئنڪن يا ويمي ڪمپنين ۾ ضايع ٿيڻ جو امڪان گهٽ آهي. اتي ان جي پوري پوري حفاظت ٿئي ٿي. پبلڪ جي سهوليت لاءِ گورنمينٽ ننڍي وڏي شهر ۾ سيونگس بئنڪ جو ڪم ٽپال خانن سان گڏ کولي ڇڏيو آهي، جنهن ۾ چئن آنن کان وٺي سون روپين تائين پئسا امانت رکي سگهجن ٿا. اتي جيڪڏهن بچت سرمايو رکندا ته چڱي طرح محفوظ رهندو ايندو. ازانسواءِ ويمي ڪمپنين ۾ به حيثيت آهر ساماهيون يا ششماهيون قسطون ڏئي پڇاڙيءَ ۾ چڱي رقم ملڻ جا اميدوار رهو. ليڪن ويمي ڪمپنين ۽ بئنڪ ۾ هيءُ فرق آهي جو بئنڪ ۾ جا رقم هوندي يا وياج سميت ڪنهن به وقت ڪڍي سگهو ٿا. باقي ويمي ڪمپنين ۾ فقط هڪ ئي قسط ڏئي خدانخواسته فوت ٿي وڃو ته مقرر رقم اوهان جي اولاد يا وارثن کي ملي ويندي.

بئنڪ ۾ اڪثر ڏنو ويو آهي ته ماڻهو وقت به وقت رقم داخل ڪري ۽ نيٺ ڪنهن نه ڪنهن ڪم ۾ خرچ ڪري ڇڏي ٿو. آخر ان جو نتيجو اُهو ٿو نڪري جو بئنڪ ۾ سندس ڪوبه پئسو ڪونه ٿو بچي. پر برخلاف ان جي ويمي ڪمپنين مان پئسا ڪڍائي نٿا سگهجن. پر هٿان قسطون ڏيڻ تمام ضروري ۽ لازمي سمجهيون وڃن ٿيون. انهيءَ خوف سبب ته متان ڏنل پئسا ضايع ٿي وڃن ۽ قسطون ادا ڪرڻ ڪري مقرر رقم تي سندس هميشه حَق رهي ٿو جا سندس پيڇاڙيءَ لاءِ يا اولاد لاءِ توشو ٿئي ٿي.

مطلب ته بئنڪ توڙي ويمو نفعه ڪان خالي نه آهن. گويا انهن ٻنهي صورتن ۾ پڇاڙي سرهي ٿئي ٿي. ڇو ته جوانيءَ ڪان وڌيڪ پئسي جي ضرورت ٻڍاپڻ ۾ رهي ٿي. ڇو ته ان وقت انسان کي پئسي جي ضرورت وڌيڪ ٿي رهي. سواءِ پئسي جي اهڙي وقت ۾ بلڪل نادار ۽ مفلس رهي انسان گهڻا ڏک ٿو پسي، جنهن لاءِ اڳوات خبردار رهڻ گهرجي.

# ڪفايت شعاري بنسبت ڪي مثال

ڪي انسان بيان ٿا ڪن ته هڪ انگريز سان هڪ وفد ملاقات ڪرڻ ويو. انهن جو مطلب هو ته تعليمي ڪَمن لاءِ جي ترقي لاءِ ڪجهه چندو ڪَنو ڪجي. ان مقصد سان چندو وٺڻ لاءِ صاحب موصوف سان وڃي مليا، ان وقت ڏٺائون ته هو صاحب ان وقت ميم صاحبه سان اجاين گهٽين تِيلين ٻارڻ تي تمام سختيءَ سان ڳالهائي رهيو هو. ان وقت وفد پنهنجو وڃڻ بلڪل بي عزتيءَ جي برابر سمجهيو. ڇو ته سمجهيائون ته جيڪو صاحب ٻن چئن تِيلين لاءِ مين صاحبه سان وڙهي رهيو آهي سو اسان کي چندو ڇا ڏيندو.

خيال ڪيائون ته صاحب بخيل آهي اسان ناحق آياسون، پر پوءِ خيال ڪيائون ته آيا انهيءَ ڪم لاءِ آهيون جي اسان کي ڪجهه به نه ڏيندو ته نه ڏئي، ان جو فِڪر ڪونهي اسان سان به ته وڙهندو ته ڪونه. ڪيس اچڻ جو مقصد چڱي طرح ذهن نشين ڪرائجي. صاحب ملڻ بعد انهن سان بلڪل اخلاق سان

پيش آيو ۽ وفد کي سندن قياس کان ٻه وڌيڪ رقم ڏنائين جنهن تي هو حيران ٿي ويا.

اهڙي حالت ۾ ان وفد پاڻ کي مجبور سمجهي ان انگريز کان اُن جو سبب پڇيو ته اسان سان دريا دلي سان پيش آيا ۽ چڱي رقم جي مدد ڪئي ۽ ميم صاحبه سان فقط خسيس ڳالھ تي سختي سان ڳالهائي رهيا هئا جو اوهان صاحبن جي چوڻ موافق فقط ٻه چار تيليون وڌيڪ ناس ڪري ويني هئي.

ان تي صاحب چيو ته اوهان جيڪي چئو ٿا سو برابر آهي. پر جيڪڏهن انهن بيجا خرچن جي حد بندي ڪندڙ نه هجان ها ته اوهان اڳيان اها رقم پيش ڪرڻ جي لائق نه هجان ها. جنهن صورت ۾ هينئر اوهان اڳيان سرخرو ٿيو آهيان. اهڙو جيڪر نه ٿي سگهان ها.

غور ڪريو ته اجايو ۽ بيجا خرچ ڪرڻ ڪٽي ڪيترو ٻه ٿورو هجي، بلڪل ظلم آهي. ظلم جي معنيٰ ئي آهي ڪنهن ٻه چيز جو بيجا استعمال. ڪوبه ڪم بي جاءِ ڪرڻ.

## ٻيو مثال

ڪنهن صاحبِ فهم رئيس جو چوڻ آهي ته مون موم بتين جي ٻرڻ بعد جا موم رهجي ويندي آهي ان موم مان ويهن سالن اندر 500 روپين جي رقم بچت ڪئي ۽ ان ئي رقم مان مون فلاڻو خير جو ڪم ڪيو ۽ اهوئي سبب آهي جو آءٌ ٻبانگ دهل اعلان ٿو ڪيان ته خسيس ۾ خسيس ڳالھ ۽ ڪم ۾ به جيڪڏهن ڪفايت شعاري کان ڪم ونبو ته چڱي ۾ چڱي حيثيت آهر بچت ڪري، دنيا ۾ سرخرو رهبو ۽ عزت حاصل ڪري سگهبي.

جيڪڏهن ڳولبا ته هن کان ٻه وڌيڪ گهٽائي اهڙا مثال ليندا، جو ڪيترا انسان ڪفايت شعاريءَ ڪري تنزل مان ڦِري عروج کي رسيا آهن. ڪنهن خاص انسان جو احوال پڙ هن بعد ڏبو.

# ڪفايت شعاريءَ ۽ اسراف تي باريڪ نظر

حقيقت ۾ ڪفايت شعاري ۽ اسراف هڪ ٻئي جي نسبت متعلق الفاظ آهن ۽ اهي انسان جي ٻن دلي ڪيفيتن ۽ حالتن کي ظاهر ڪن ٿا.

اسراف غير ضروري ۽ بي جاءِ طرح خرچ ڪرڻ کي ٿو چئجي. اسراف ڪفايت شعاريءَ جي رستي ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ آهي، جتي اسراف هوندو، اتي ڪفايت شعاري غائب هوندي. ڇاڪاڻ ته واجبي طور خرچ ڪرڻ کي ئي ڪفايت شعاري ٿو چئجي.

انساني زندگيءَ جو هڪ پهلو (پاسو) اهڙو به آهي جو باوجود يڪ انسان اسراف ڪندي به ڪفايت شعار ٿو سڏجي، مثلاً: هڪ شخص ڪفايت شعار آهي. هر طرح اسراف کان بچندي ڪفايت شعاري ڪري پئسو بچائيندو ٿو اچي. پر نالي ظاهر واسطي يا بي جاءِ رسمن جي پابند ٿيڻ واري حالت ۾ شاديءَ خواهه غميءَ تي اجايو وڏيڪ خرچ ڪري ته اهو به اسراف ڪندڙ يا فضول خرچ ڪونبو. ڇو ته ڪفايت شعاريءَ جي معنيٰ ئي آهي ته اجائي ۽ بي جاءِ خرچ جي عادت کان پاڻ کي دور رکجي. جيڪڏهن انهن اجاين خرچن جي بند ڪرڻ جي به ڪوشش ڪجي ته پوءِ ڪيترو پئسو بچائي ٿو سگهجي.

حاصل ڪلام ته مٿئين تفصيل مان اهو معلوم ٿو ٿئي ته فقط ڪفايت شعاريءَ جو اهو مطلب ڪونهي ته آمدنيءَ مان خرچ گهٽائي ڪجهه بچائجي. بلڪ جائز ۽ ناجائز، ضروري ۽ غير ضروري، لاچاري ۽ اڻ لاچاري ضرورتن ۾ فرق ۽ تفاوت معلوم ۽ محسوس ڪري، مٿيون حالتون طريقي پوريون ڪجن ۽ بيجاءِ ڪمن کي ترڪ ڪري ڪجهه بچائڻ ڪفايت شعاري آهي. نه فقط اهو پر ٻين ذريعن سان آمدني کي وڌائڻ به ڪفايت شعاري آهي.

ڪفايت شعاري جي صحيح اصولن تي عمل ڪرڻ لاءِ انسان کي هڪ طرف بُخل ۽ ٻئي طرف اسراف کان پاڻ بچائڻ گهرجي.

ڪفايت شعاريءَ جا ڪي خاص اهڙا اصول بيان ڪري ٿا سگهجن، جن جي پابندي هر انسان تي هڪ جهڙي مفيد سمجهي وڃي. ڇاڪاڻ ته ان جو تعلق

طبيعت، آبهوا، پيشي، ملڪ جي رسم ۽ رواج، حيثيت ۽ ٻين حالتن سان ٻڌل آهي. البت هينين ڳالهين کي جيڪڏهن پيش نظر رکبو ته هر طرح فائدو نصيب ٿيندو.

## ڪفايت شعاريءَ جي رستي ۾ ڪي رڪاوٽون

جهڙي طرح اسراف (فضول خرچي) ڪفايت شعاريءَ جي رستي ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ آهي ته اهڙي طرح اڌاري چيز خريد ڪرڻ به وڏي رڪاوٽ آهي. ڇو ته ان ۾ خبر نه پوندي آهي ته ته گهرج کان وڌيڪ سامان خريد ڪيو ويو آهي يا پورو. پر پڪ آهي ته وڌيڪ سامان خريد ڪيو ويو هوندو. ٻيو اوڌر تي مليل چيز سٺي به نه ملندي، پر ان جي قيمت هوندي ته سٺي چيز کان وڌيڪ نه ته به ان جيتري به ضرور هوندي. اڌاري سامان وٺڻ مان هي به نقصان آهي، جو آمدنيءَ کان به وڌيڪ خرچ ڪبو ته به خبر ڪانه پوندي. جيڪڏهن ٿورا ڏينهن اها عادت پاڻ ۾ وجهبي ته پوءِ غير ضروري خرچ ڪرڻ تي به انسان جهٽ پٽ مائل ٿي ويندو. تنهنڪري ضروري آهي ته پاڻ کي اڌاري سامان خريدڪرڻ کان روڪجي. انهيءَ عادت کان پاڻ کي روڪڻ لاءِ زور انهيءَ ڪري به رکجي ٿو، جڏهن گهڻو وقت اها عادت هوندي ته يقيني امر آهي ته بقايا به دڪاندار جي ضرور رهندي ايندي. پوءِ پاڻ کي جڻ ته ان حساب دار يا دڪاندار جي وس ٿيڻو پوندو. پوءِ ان تي ڪوبه زور هلي نه سگهندو، جيڪڏهن هو ارزان ۽ خراب شيون ڏئي قيمت وڌيڪ رکندو ته به انسان اهڙين شين جي قبول ڪرڻ لاءِ لاچار ۽ مجبور ٿو رهي. اها حالت تمام نقصان ڪار آهي، تنهن ڪري ان کان بچڻ ضروري آهي.

## ڪفايت شعاريءَ سان گڏ سليقه شعاري

گهر جو پورو انتظام رکي، سليقي سبب جا خرچ ۾ تخفيف ڪجي ٿي، ان جو گهڻو واسطو ڪفايت شعاريءَ سان آهي. ڪفايت شعاريءَ مان سليقہ شعاري پيدا ٿيندي ۽ سليقي رکڻ مان ئي ڪفايت شعاريءَ جو بنياد پوندو. مطلب تہ انهن ٻنهي جو پاڻ ۾ گهرو تعلق ۽ لاڳاپو آهي، تنهن ڪري سليقہ شعاريءَ جو بيان ڪرڻ بہ ضروري ٿيندو.

جي موجوده حالتن ۽ مشڪلاتن جي مدنظر خيال ڪري ڏسبو تہ هر طرف جيڏانهن ڪيڏانهن "تخفيف تخفيف" جي پڪار آهي. "پيدائشون ڪينهن" واپار گهٽجي ويا آهن، زمين ڪجهہ نٿي اُپائي. اُهي پيا آواز ٻُڌڻ ۾ اچن. ازان سواءِ پگهارون گهٽبيون ٿيون رهن، اهو آواز بہ عام آهي. انهن سببن ڪري گهرو ڪمن جا انتظام بہ محفوظ نہ آهن ۽ محفوظ رهي بہ نہ سگهندا. تڏهن اتي بہ ڪفايت شعاريءَ جي ضرورت آهي. پر ظاهر تہ گهرن جي خرچن ۾ تخفيف ڪرڻ بلڪل مشڪل ٿي نظر اچي. پر جيڪڏهن تخفيف بہ ڪجي ٿي تہ جاءِ جي مسواڙ، ڪاڌي ڪپڙي ۽ آرائش جي ڪمن ۾. مگر ننڍيون ننڍيون ڳالهيون اهڙيون آهن جو انهن ڏي ڪوئي بہ توجهہ نٿو ڪري ۽ خرچ جو سلسلو ساڳيو ئي جاري آهي. جيڪڏهن سليقہ شعاريءَ کان ڪم ورتو وڃي تہ انهن ننڍين ننڍين ڳالهين مان خرچ بچائي ڪافي رقم گڏ ڪري سگهجي ٿي.

1 – گهرن ۾ هميشه ائين ٿيندو رهي ٿو ۽ عام طرح ڏِسبو بہ آهي تہ شيشي جو گلاس ٻئي گلاس ۾ اوچتو ڦٽجي ويندو آهي ۽ اهڙو تہ ڦهڪي ويندو آهي، جو نڪرڻ مشڪل ٿي پوندو آهي. جيڪڏهن ڪڍڻ جي ڪوشش ڪبي آهي تہ ڀڄندا ٻئي گلاس آهن نہ تہ بہ هڪ جو آسرو لاهڻو پوندو آهي. اهڙي طرح بار بار ٻين گلاسن خريد ڪرڻ جي ضرورت ٿيندي آهي. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن سليقي کان ڪم ونبو تہ گلاس مان ٻيو گلاس آسانيءَ سان نڪري پوندو. انجو طريقو اهو آهي جو مٿئين گلاس ۾ ٿڌو پاڻي وجهي

ڇڏجي ۽ هينئين گلاس جو ترو گرم پاڻيءَ ۾ وجهجي. ٿوري وقت کان پوءِ ٻئي گلاس جدا ٿي ويندا.

2 – بوٽن جي پالش ته هر گهر ۾ ٿيندي رهي ٿي. گهڻو وقت ائين ڏٺو ويو آهي ته پالش جي دٻي کولي ڪم لاهي، پوءِ بند ڪئي ويندي آهي ته اهڙي دٻجي ويندي آهي جو وري کولڻ مشڪل ٿي پوندي آهي. پوءِ مجبوراً اها ڀڃڻي پوندي آهي. ڀڳي کان بعد وري پالش سُڪي ويندي آهي ۽ لاچار ٻي وٺڻي پوندي آهي. تنهن ڪري انهيءَ اجائي خرچ کان بچڻ لاءِ هينيون آسان طريقو ڪتب آڻجي. سو هيءُ آهي ته جڏهن جڏهن پالش واري دٻي کولجي ۽ ڪم لاهڻ بعد وري بند ڪجي ان وقت ٻنهي پُڙن جي وچ ۾ ڪپڙي يا ڪاغذ جو ٽُڪرو وجهي ڇڏجي. جڏهن کولڻ جي ضرورت پوي تڏهن ان کي ٿوري ڇڪ ڏجي ته ڍڪ اُمالڪ لهي پوندو.

3 – ڏِسبو ته ڪتابن جا جلد خراب پيا ٿيندا آهن ۽ بار بار مرمت پيئي ڪرائبي آهي. ان لاءِ هينين تجويز ڪارگر آهي جو جُلد ڪاري چمڙي جا ٻَڌائي ڇڏجن. جڏهن ميرا ٿين تڏهن ٻه چمچا ڪاري مس جا کڻي ان ۾ هڪ چمچو تيل جو گڏي چمچي سان خوب ملائي، پوءِ اسپنج جي ٽُڪر سان اهو مرڪب ڪتاب جي جُلد تي ڦيرائي سُڪڻو رکجي. سڪڻ بعد ڪپڙي سان خوب رڳڙي صاف ڪجي ته اهو چمڙو نئون پيو نظر ايندو.

4 – اڪثر ڪري ماڻهو جاين جي پِٽين ۾ وڏا ڪاغذ هڻي ڇڏيندا آهن. ڪي سونهن سبب ته ڪي ڪپڙن ٽنگڻ وارين ڪِلين جي هينان هڻندا آهن ۽ پوءِ ٿورن داغن ٿيڻ سبب وري پيا ٻيا ڪاغذ خريد ڪري پِٽ تي هڻدا آهن. ان خرچ کان بچڻ لاءِ وري چا ڪجي جو نشاستي جو سفوف داغن تي ملي ٿوري دير ڇڏجي ۽ پوءِ ان ڪاغذ تي هلڪو برش گهمائجي ته نشاستي سان گڏ داغ ڏبا ٻه دور ٿي ويندا ۽ پوءِ اهو ساڳيو ڪاغذ ڪيترو عرصو ڪم ايندو رهندو.

5 – اهڙي طرح ٻارن جي لاءِ پتلونون ۽ پاجاما وغيره فلالين مان نهرائبا آهن جي گوڏن وٽان جلد ڦاٽي پوندا آهن ۽ ان سبب ڪري اهي ڪپڙا زياده

تعداد ۾ نهرائٽا پوندا آهن. پر جيڪڏهن انهن ڪپڙن ڪي گوڏن وٽان اندران ڪالڪي يا ٻئي ڪپڙي جو ڇتيون هٽائي ڇڏجن ته ان هنڌ ٻئي ڪپڙي هجڻ ڪري ڦاٽڻ جو امڪان گهٽ ٿيندو.

شائسته گهراڻن ۾ ٻاڦ ۾ سڙڻ جي حادثي جي روڪڻ لاءِ فائر پروف برتنن جو رواج وڌندو ٿو وڃي. ڇو ته اهو ٿانءُ ٻاڦ ۾ جلي نه ويندو آهي ۽ انهن ڪي قدرتي طور پسند به ڪيو وڃي ٿو. اهو رواج اسان جي سنڌ ملڪ ۾ عام جام جاري ڪونهي. ليڪن اهڙن برتنن (ٿانون) ۾ هڪ خرابي اها آهي جو انهن ۾ داغ جلد ٿي پوندا آهن ۽ ٿانوَ بلڪل بڇڙا نظر ايندا آهن. خرابيءَ ڪي دور ڪرڻ جو سولو طريقو اُهو آهي جو ڪپڙو آلو ڪري ان ۾ پينل لوڻ ڇٽڪائي ڇڏجي. ان حالت ۾ ٿانءُ ٿانڊن تي رکي گرم ڪجي. جڏهن گرم ٿي وڃي تڏهن لوڻ وارو آلو ڪپڙو داغن تي خوب مهٽجي ته ٿانءُ بلڪل صاف ٿي ويندو.

جيڪڏهن سليقه شعار عورت گهُري ته پراڻن جورابن مان به ڪم ڪڍي ٿي سگهي. پهريون انهن ڪي ڪولي انهن جا ڌاڳا ڪڍي ڪنهن نه ڪنهن ڪم لائي ٿي سگهي. ٻيو ان مان اهو ڪم به ڪڍي ٿي سگهي، جو گهٽا جوراب گڏ ڪري ان مان اهڙي ڳوٿري ٺاهي ٿي سگهي، جو ان ۾ ٻاهر پيل بوٽ جي پيا خراب ٿين سي بند ڪري ڪِليءَ ۾ ٽنگي ٿي سگهي ۽ وقت تي ڪم آڻي ٿي سگهي. اهي بوٽ ٻاهر پيل بوٽن ڪان وڌيڪ محفوظ رهي سگهن ٿا ۽ جلد خراب به نه ٿي ويندا، ڇو ته مٽيءَ جي بار بار لَڳجڻ ڪان قيمتي بوٽ بلڪل بچي پوندا. گهميل آبهوا واري موقعي ۾ اڪثر ڪري پينل لوڻ نمڪ دانن ۾ ڳنڍيا ڳوڙها ٿي پوندو آهي ۽ نه نڪرڻ سبب وري ٻيو لوڻ پيهين وجهٽو پوندو آهي. اهڙي موسم ۾ بار بار لوڻ پيهين وجهڻ ڪان پاڻ ڪي بچائڻ لاءِ هينيون سولو طريقو اختيار ڪجي، جو نمڪ دانيءَ ۾ بلاٽنگ پيپر وجهي ڇڏجي ڇو ته آلاڻ لوڻ تائين پهچڻ نه ڏيندو ۽ چوسي وٺندو، لوڻ ڳنڍيا ڳوڙها نه ٿيندو. ٻيو طريقو هيءُ به آهي جو نمڪ دانيءَ ۾ ڪجهه چانور وجهي ڇڏجن ته به لوڻ

محفوظ رهي سگهندو. شيشي جي بوتلن، گلاسن يا برنين وغيره ۾ اڪثر ڪري شگاف پئجي ويندا آهن. انهيءَ سبب ڪري بيڪار سمجهي ڦِٽا ڪبا آهن. پر جيڪڏهن هينيون طريقو ڪتب آڻبو تہ وري نئين سر هو گهڻو ڪم ڏئي سگهندا. هيئن ڪجي جو دوا فروش وٽان واٽر گلاس جي هڪ دٻي خريد ڪري رکجي. جڏهن شيشي جو ڪو ٿانءُ ٽُٽي پوي ۽ چير پوڻ يا ڪرڻ ڪري بيڪار ٿي پوي تہ پوءِ هن کي گرم ڪري مٿان ٻوچ سان ڪيس بند ڪجي.

ان بعد برش سان ٿورو واٽر گلاس انهن چيرن يا شگافن تي لائجي. ان بعد اُس تي رکجي تہ سُڪي وڃي. پوءِ اها ساڳي شيشي واري چيز جا بيڪار ٿي ويئي هئي، ان ۾ پاڻيءَ جهڙين پترين چيزن کان سواءِ ٻيو سڀ ڪجھ وجهي سگهبو ۽ وري نئين سر ڪتب اچي سگهندي.

مٿيون ڳالهيون ظاهر ڪري تمام خسيس ڳالهيون نظر اچن ٿيون، مگر ٿيڻ ڪري حقيقي ڪفايت شعاري نصيب ٿيندي ۽ خرچ ۾ بہ تخفيف نظر ايندي. جيڪڏهن خيال ڪبو تہ ان ڪان وڏيڪ ٻيون بہ گهڻيون ڳالهيون آهن جي **”امور خانہ داري“** ۾ مدد ڏينديون. حال في الحال فقط ”يڪ مشت نمونہ خروار“ ٿورا مثال ڏيئي ڏيکاريو ويو آهي ۽ مٿين مثالن تي اڪتفا ڪئي ٿي وڃي مگر فرصت ملي تہ وڏيڪ مثال **”امور خانہ داري“** ۾ ڏبا جو علحده ڪتاب تيار ڪرڻ ۾ ايندو.

# آخرين استدعا

پڇاڙيءَ ۾ ساري سنڌ جي هر قوم کي عموماً مسلمانن کي خصوصاً التجا ڪئي وڃي ٿي تہ جيترو ٿي سگهي تہ ڪفايت شعاريءَ تي ڪاربند رهو ۽ پنهنجي حيثيت موافق ڪجھ نہ ڪجھ سرمايو گڏ ڪري پنهنجي زندگي آرام ۽ عزت سان بسر ڪريو بلڪ پنهنجي خاندان ۽ پنهنجي قوم جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جو سبب بڻجو ڇاڪاڻ تہ قوم جي هڪ فرد جي تنگدستي ۽ غريبي قوم جي تنگدستي ۽ غريبي آهي ۽ قوم جي هڪ فرد جي خوشحالي قوم جي خوشحالي سمجهي وڃي ٿي.

هڪ اهو زمانو هو جڏهن جسماني طاقت ۽ بهادريءَ جو قدر هو، ان بعد وري اهو زمانو آيو جو اشرافت جو قدر هو ۽ وقت تي ڪم ايندي هئي. وري ان بعد هڪ زمانو اهو هو جو جڏهن سڀ ڪان وڌيڪ علم جي عزت هئي. پر هاڻي انهن سيني ڳالهين جو زمانو ويو ۽ انهن جو دور ختم ٿيو، هينئر زمانو دولت جو آهي. جنهن وٽ دولت آهي اهو امير آهي ۽ اهوئي بهادر بہ آهي، سو عالم فاضل آهي. بلڪ سڀ ڪجھ آهي. ڇو تہ اڄڪلھ جو معيار (ڪسوٽي) دولت آهي. جنهن وٽ دولت آهي، اهو ئي وڏو خاندان تو سڏيو وڃي ۽ سمجهيو وڃي. اوهين ڏسندا تہ دنيا جون جملي مهذب ۽ تمدن واريون بادشاهيون بہ دولت سبب ئي ڪارگر ۽ زور واريون ثابت ٿيون آهن.

مثلاً: آمريڪا وارن وٽ دولت جي فراواني آهي تہ سڀ ڪنهن قوم ۽ سڀ ڪنهن ملڪ جي اک بہ وڃي آمريڪا تي پوندي آهي، جو وڏا وڏا طاقت وارا ملڪ بہ ان ڪان قرض حاصل ڪري سندس محتاج بڻيا آهن.

دولت آهي تہ سڀ ڪجھ آهي، جنهن وٽ دولت ڪانهي تہ ان وٽ ڪجھ بہ ڪونهي. جي امير آهن سي دولت سبب وڌيڪ امير بڻبا ويندا ڇو تہ دولت جي ڪري ئي اعليٰ ۾ اعليٰ درجو حاصل ڪري سگهندا.

جي غريب آهن سي روز بروز وڌيڪ غريب ٿيندا ويندا، ڇاڪاڻ تہ انهن وٽ دولت ڪانهي، جنهن جي ڪري اعليٰ درجو حاصل ڪري سگهن. موجوده دنيا ۾ غريب لاءِ امير بڻجڻ واسطي ڪفايت شعاريءَ ڪان سواءِ ٻيو ڪوبہ علاج تصور ۾ اچي نٿو سگهي.

آخر اهڙن ماڻهن جا مثال ڏجن ٿا، جي صاحبَ ڪفايت شعاريءَ سبب غريبيءَ مان اميريءَ جي درجي تي پهتا آهن. اهڙن ماڻهن مان هڪڙو آمريڪا جو رهاڪو ”جان ڊي راڪ فيلر“ آهي جو پهريائين تمام مفلس هو ۽ پوءِ ڪروڙ پتي ٿيو. ان جي زندگيءَ جو حال هينئين ريت آهي.

## جان ڊي راڪ فيلر

هي 8 جولاءِ 1839ع مقام رچفورڊ نيويارڪ ۾ ڄائو هو. سندس والدين بلڪل غريب هئا، جي حد درجي جي مفلسيءَ ۽ تنگيءَ جي حالت ۾ گذاريندا هئا. غريبيءَ جي اهڙي حالت هُين جو ٻچگل ٽُٽل جهوپڙيءَ ۾ گذاريندا هئا، جا انهن جهنگ مان ڪاٺيون گڏ ڪري ناهي هئي. **ٻاراڻي زندگي:** جان ڊي راڪ فيلر ڪي ننڍپڻ ۾ نهايت محنت ۽ مشقت ڪرڻي پوندي هئي. هن کي هر روز جهنگ مان ڪاٺيون آڻيون پونديون هيون. ان بعد کير ڏُهڻو ۽ گهر لاءِ پاڻي ڀرڻو پوندو هوس. جڏهين انهن ڪمن کان فرصت ملندي هيس ته پوءِ اسڪول ۾ ويندو هو جو اتان ڇهه ميل مفاصلي تي هو.

## سندس پهريون واپار

راڪ فيلر جون سخت ٿڌ واريون راتيون به ان جهوپڙيءَ ۾ گذريون. اڪثر اهڙو اتفاق به ٿيندو هو، جو رات جو برف پوڻ ڪري سارو برف سان پرجي ويندو هو. هڪڙي دفعي برفباريءَ واري موقعي تي سندس اک ننڊ مان کلي وئي ته وري کيس ننڊ نه آئي. ان وقت هن هڪ جهنگلي جانور ڏٺو، بستري تان اٿي سندس پُٺ ورتائين. ان جانور جي رهڻ واري هنڌ پهچي ان جا ٻچا ڪٽي آيو ۽ گهر اچي پاليائين. انهن کي کير پياري جڏهن وڏو ڪيائين تڏهن بازار ۾ وڃي انهن کي وڪيائين. انهن جي قيمت وٺي ڏاڍو خوش ٿيو. ساري عمر ۾ اهو واقعو ياد هوس ۽ چوندو هو ته اهو پهريون ئي سودو هو جنهن مان مون کي سو تي سو فائدو پيو.

چاڪاڻ ته انهن جهنگلي جانورن جي ٻچن تي ڳنڍ مان پئسو به خرچ نه ڪيو هئائين.

## بيڪار کان بيگار بهتر

هن غريبي ۽ مسڪينيءَ واري حالت ۾ افلاس ۽ ناداريءَ جو بهادرانه مقابلو ڪيو ۽ سُتت ئي هاءِ اسڪول جو امتحان پاس ڪيائين. ليڪن انهن ڏينهن ۾ نيويارڪ ۾ تعليم يافته ماڻهن جي قلت هئي، انهيءَ سبب ڪري

نوڪري ملي نہ سگهيس. لاچار هڪ تجارتي ڪمپنيءَ وٽ بنا اجوري مهينو ڪم ڪيائين. ان ڪان پوءِ کيس فقط 50 ڊالر مليا ۽ آئينده لاءِ 35 ڊالر پگهار مقرر ٿيس.

ٿوري وقت بعد محاسب جي جاءِ خالي ٿي، جا کيس ملي. بحيثيت محاسب جي کيس ڪمپني جي دفتر ۾ ڪم ڪرڻو پوندو هو. جتي ڪمپنيءَ جا حصيدار جمع ٿي تجارت ۽ ڪاروبار جي مختلف مسئلن تي بحث مباحثو ڪندا هئا، راڪ فيلر پنهنجي ڪم پوري ڪرڻ سان گڏ انهن ماڻهن جا بحث مباحثا پڻ غور سان ٻڌندو هو ۽ انهن ماڻهن جي گفتگو کان لائي ٻڌڻ جو نتيجو اهو نڪتو جو ٿوري ئي وقت ۾ تجارت جي سيني رمزن ۽ مسئلن مان چڱيءَ طرح واقف ٿي ويو.

بلڪ اهڙن ڪمن ۾ سندس راءِ جو پڻ قدر ٿيڻ لڳو. آخر سترهن ورهين جي عمر ۾ ان جي اڳيان ”سنگ مرمر کيئن ڍوئجي“ وارو مسئلو پيش آيو. راڪ فيلر ڪمپنيءَ کي هڪ اهڙي ڪارآمد ترڪيب ڏسي جو ان جو مالڪ بيحد خوش ٿيو. ان ڪان پوءِ سندس پگهار ست سو ڊالر مقرر ٿي.

## مُوڙيءَ جي ضرورت

راڪ فيلر دفتر جي ڪرسيءَ تي ويني ويني هي خيال سوچڻ لڳو تہ تجارت ۾ ترقي فقط سُني دماغ ۽ خيال سان نٿي ٿئي، پر ان لاءِ روپين جي ضرورت آهي. روپيا گڏ ٿيندا آهن ڪفايت شعاريءَ ۽ سادگيءَ جي قدم کڻڻ سان. نيٺ اهو خيال سندس دماغ ۾ اهڙو تہ پختو ٿي ويو جو ان وقت کان پئسو گڏ ڪرڻ شروع ڪيائين. ڪفايت شعاريءَ جا جيڪي بہ ڪارائتا رستا هئا، سي ڪتب آندائين. نيٺ ٻن ورهين ۾ چڱو ناڻو ڪَنو ڪيائين.

## هڪ انگريز سان ملاقات

ان زماني ۾ راڪ فيلر جي هڪ انگريز سان دوستي ٿي ويئي. ان جو نالو ڪلارڪ هو. هو نهايت حوصلي وارو آدمي هو. ان تجارت جي غرض لاءِ ٻه هزار ڊالر جمع ڪيا هئا ۽ هو اهڙي حصيدار جي تلاش ۾ هو، جو سڀ ڪنهن طرح ساڻس پورو پورو پائيوار ثابت ٿئي ۽ اهو ارادو هوس ته جيتري رقم آءٌ ڪيندس ته اوتري رقم هو به ڪدي.

راڪ فيلر وٽ انهيءَ جيترا پئسا اجا ڪَنا نه ٿيا هئا. آخر پنهنجي پيءُ کان ڪجهه رقم قرض ڪنيائين، اهو به اُن وقت ٿوري پونجيءَ وارو اچي ٿيو هو ۽ ڪجهه پنهنجي رقم جا ڪَني ٿيل هيس، سا سيئي گڏي تجارت ۾ پائيوار ٿيا.

## ترقي ۽ واڌارو

تجارت جي ڪم ۾ هٿ وجهڻ بعد ڪيس ڏينهن جو ڏينهن جو ٻيٽي ۽ رات جو چؤٽي ترقي ٿيندي وئي. روپيا مينهن وانگر وسندا رهيا. جيتوٽيڪ ترقيءَ جو اهو حال هو ته به راڪ فيلر دماغ ۾ ڪڏهن به غرو ۽ تڪبر ڪي جاءِ نه ڏني. هر روز رات جو جڏهن بستري تي وجي سمهندو هو تڏهن پاڻ ئي ائين چوندو هو ته هيءَ معمولي ترقي آهي. توکي اُن تي ناز نه ٿيڻ گهرجي. عنقريب تنهنجو تنزل ٿيندو ۽ جلد تون ڪِري پوندين. چا! تون پاڻ کي هاڻي ڪامياب تاجر ٿو سمجهين. چاڪاڻ جو تنهنجي ابتدا چڱي ترقيءَ ۾ آهي؟ تون اجا اڱتي هل. ترقيءَ جا نوان رستا ڳول، نه ته تنهنجو دماغ خراب ٿي ويندو. صبر ۽ استقلال کان ڪم وٺ.

## ڳرجا جي حفاظت

راڪ فيلر ۾ هڪ ڳالهه تمام عمدي هئي جو سخت مصيبت جي وقت ۾ صبر ۽ استقلال کي هٿان نه ڇڏيندو هو. بلڪ نهايت عقلمنديءَ ۽ هوشياريءَ سان مالي مشڪلات منتن ۾ حل ڪري ڇڏيندو هو. هڪ دفعي هڪ ديول

گروي رکيل هئي ۽ قرض ادا نہ ٿيڻ سبب نيلام ٿيڻي هئي قرض کٽندڙ کي قطعي اميد ڪانہ هئي تہ ڪو اهو قرض ادا ٿيندو ۽ هر هڪ شخص کي گرجا جي نيلام ٿيڻ جو بلڪل رنج هو.

اتفاق سان اها ڳالهہ راڪ فيلر جي ڪَن تي وجي پئي. سو يڪدم چندو گڏ ڪرڻ لاءِ آماده ٿي ويو ۽ ڳالهين ڪندي بہ هزار ڊالر گڏ ڪري ورتائين. جنهن ڪري گرجا نيلام ٿيڻ کان بچائي ڇڏيائين.

## گاسليٽ جي تجارت

1862ع ۾ گاسليٽ جي تجارت شروع ڪيائين. معمولي تيل کي گندڪ جي تيزاب سان صاف ڪري پيٽروليم ٺاهڻ جي ترڪيب سئيمول اندوروز کان معلوم ڪيائين. ان ڪاروبار ۾ کيس خوب فائدو ٿيڻ لڳو. پر جلد ئي گهڻن سوداگرن پنهنجا پنهنجا ڪاروبار ڦٽا ڪري ڪٽي گاسليٽ جي تجارت شروع ڪئي. ڪين خبر هئي تہ گاسليٽ مان چڱو نفعو حاصل ٿيندو. راڪ فيلر کي بہ سخت مقابلو ڪرڻو پيو. گاسليٽ جي تجارت مان جي خطرا هئا، تن جي خبر راڪ فيلر کان وڌيڪ ڪنهن کي بہ ڪانہ هئي.

چشمي جي خشڪ ٿيڻ جو انديشو هڪ طرف ۽ تيل کي باهہ لڳڻ جو خطرو ٻئي طرف. ازانسواءِ تيل جي ڪڍڻ ۾ بي شمار تڪليفون ۽ نون نون سوداگرن ۾ اضافو. اهي ڳالهيون هيون، جو جيڪر هڪ غير معمولي دل ۽ دماغ آدمي جي آرام برباد ڪرڻ لاءِ ڪافي سبب بڻجي سگهن.

## مصيبت مٿان مصيبت

ان کان وڌيڪ تماشو هي ٿيو جو جڏهن تيل جا سوداگر وڌيا تہ تيل جي پيداوار ۾ واڌ گهٽجي ٿي. انهن ماڻهن جي وچ ۾ مقابلو بہ سخت ٿيو. انهن

ڳالهين جو لازمي نتيجو اهو ٿيو جو تيل سهانگو وڪڻڻ ۾ آيو ۽ سوداگرن کي نقصان پوڻ لڳو.

راڪ فيلر انهيءَ مصيبت کي منهن ڏيڻ لاءِ ترڪيب سوچي ته مال جي روانگيءَ جا سَستا ذريا هٿ ڪجن ۽ شهرن ۾ تيل پيپن ۾ نيڻ بجاءِ نَلن جي رستي روانو ڪجي. ٿيون تيل شهرن ۾ موڪلي ضرورتن پوري ڪرڻ کان پوءِ ساري دنيا جي ملڪن ۽ شهرن ڏانهن روانو ڪجي.

## پنهنجين خامين جو علاج

سن 1867ع ۾ ان فيلگر کي پنهنجو ڀائيوار بڻائي اسٽينڊرڊ آئل ڪمپني ڏهن لکن ڊالرن جي سرمائي سان قائم ڪئي. فيلگر نه صرف ساٺس روپين سان ڀائيواري ڪئي، پر ان سان گڏ اهي خوبيون به پاڻ سان گڏ آندائين، جي راڪ فيلر ۾ نه هيون. يعني فيلگر جي ڀائيوار بڻجڻ بعد راڪ فيلر جون ڪيتريون ڪمزوريون ۽ عيب غائب ٿي ويا. مثلاً فيلگر ۾ هڪ خوبي هيءَ هئي جو ٺيڪي ڏيڻ ۽ وٺڻ ۾ بلڪل هوشيار هو. هو ٺيڪيدارن جي شرطن جي عبارت اهڙي نموني تيار ڪندو هو جو ڪڏهن به ڪمپنيءَ کي نقصان ڏيڻ جو فقط انديشو به نه رهندو هو.

پڙهندڙ صاحبن جي خدمت ۾ عرض آهي ته اسان لاءِ اتحاد ۽ ان مان فائدي جو بهترين سبق هي موجود آهي ته اڪيلي ڪم مان ايتري قدر نمايان ترقي نٿي ٿي سگهي، جيترو گڏجي ڪم ڪرڻ مان، آسانيءَ سان حاصل ٿي سگهي ٿي. اسٽينڊرڊ آئل ڪمپني جنهن جو نالو اڄ ساري دنيا ۾ مشهور آهي، ان جي ترقيءَ جو راز صرف هي هو جو هڪڙو ٻئي جون خاميون دور ڪندو هو.

اهي ٻئي ڀائيوار گڏجي هڪ ٻئي مان خاميون ڪڍي خوبيون وڌائيندا هئا. در حقيقت اهڙي ترقي بڌيءَ مان ٿئي ٿي، جا هرگز فنا ٿيڻ جي نه آهي. خود غرضيءَ ۾ شخصي فنا ٿيڻ جو امڪان آهي. جڏهن به دليون هڪ جاءِ

ڪَنيون ٿين ٿيون، تڏهن انهن ۾ بيٺي طاقت نہ ٿي ٿئي، پر انهن مان هر هڪ جي طاقت ڏهوڻي ٿئي ٿي.

## دولت جي غلامي

1899ع تائين راڪ فيلر ساري دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ دولتمند آدمي ٿي ويو. سندس دولت جو شمار ڇهہ ڪروڙ چاليھہ لک پائونڊ ٿي ويو. ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ ان وٽ ڪيترا روپيا هئا. ان جي هر هڪ سيڪنڊ جي آمدني قريباً سوا روپيو هئي.

ان ڪان پوءِ تہ ان جي دولت ايتري تہ وڌي وئي جو ان جو اندازو ڪرڻ مشڪل ٿي پيو.

پر اتڪل روءِ ٿي ارب سمجهيو ويو، باوجود ايتري دولت ۽ مال گڏ ڪندي بہ راڪ فيلر نہ دولت جو مطيع ۽ غلام رهيو ۽ نہ ان جو پوڄاري ٿيو.

چنانچہ هو خود هميشه ائين چوندو هو تہ اهڙي ماڻهوءَ تي افسوس آهي، جو رات ڏينهن دولت کي رکو ميڙڻ جي غرض سان پاڻ کي فِڪر ۾ مشغول رکندو هجي.

راڪ فيلر ڪڏهين ڪڏهين ڪاروبار ڦِٽو ڪري جهنگلن ۽ باغن ۾ سير تفريح لاءِ نڪري ويندو هو ۽ چوندو هو تہ انسان کي روپين مان خوشي حاصل نٿي ٿي ٿئي.

هن پنهنجي عمر جي پنجاهين ورهيہ ۾ ئي ڪاروبار ڦِٽو ڪري گوشي نشين ٿيڻ چاهيو. ليڪن هن کي اهڙو موقعو نہ مليو. آخرڪار 61 ورهين جي عمر ۾ گوشہ نشين ٿي سادي زندگي گذارڻ لڳو.

## ڪارِ خير

سن 1921ع ۾ سندس دولت جي اندازي ڪرڻ مان معلوم ٿيو تہ هو 48 ڪروڙ پائونڊن کان وڏيڪ دولت جو مالڪ هو.

ان مان 10 ڪروڙ پائونڊ تعليم ۽ ٻين رفاھ عام جي ڪمن لاءِ وقف ڪيا. ان شڪاگو وارو دارالعلوم قائم ڪيو.

ان لاءِ مالي سرمايو محفوظ رکيائين. نيويارڪ ۾ ھڪ ميڊيڪل ڪاليج ”راڪ فيلر“ نالي سان کوليائين، ۽ لکها روپيہ زرد بخار ۽ دق وغيره امراضن جي پاڙ پٽڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ جي سلسلي ۾ صرف ڪيائين.

سن 1910ع ۾ ھڪ انجمن ”راڪ فيلر“ قائم ڪئي. جنھن جا اغراض ۽ مقاصد رفاه عام، تهذيب ۽ تمدن جي ترقي ۽ علم، هنر جي واڌاري بابت هئا. ڪنهن انسان نيڪ چيو آهي تہ ”خدا قد ڏسي ڪپڙا ٿو پهرائي“ ”گنجي ڪي وار نٿا ملن“ راڪ فيلر ڪي خدا جيڪو دولت جو خزانو گهڻو ڏنو تہ ان خرچ بہ عمدا ڪيا. هو مسلمان نہ هو. باقي هو دولت جي زڪوات ڪڍڻ جو طريقو بيشڪ ڄاڻندو هو.

اسين بہ دولتمند ٿي سگهون ٿا. مگر دولت گڏ ڪرڻ جو مطلب نيڪ هجي ۽ نيت سٺي هجي.